قرآني بيان بنام

# اڳين پوئين کي نصيحت

مدني مرڪزن (فيضان مدينه) ۽ شعبه امام مسجد(دعوت اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ

## جي مبارڪ جمعي جو

07 February 2025



مدني مرڪزن (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امامِ مسجد (دعوت اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
7 فروري، 2025ع (متوقع اسلامي تاريخ 7 شعبان المعظم 1446ھ) جي مبارڪ جمعي جو

قرآني بيان بنام

# اڳينَ پوئينَ کي نصيحت

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پسنديده ڪير؟
✿... تقوٰي (پرهيزگارن) جي لاءِ انعامَ ۽ خوشخبريون
✿... صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم ۽ شريعت تي عمل

✿...رمضان مهينو تقوٰي (پرهيزگاري) جي دولت ماڻڻ جو ذريعو آهي

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبو بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

***For Feedback***: +92315 2692786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

سيپارو: 22، سورت احزاب، آيت: 56 ۾ اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

اِنَّ اللّٰهَ وَ مَلٰٓىِٕكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ط يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَ سَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿۵۶﴾

ترجمو ڪَنزُ العِرفان: بيشڪ اللّٰه ۽ ان جا ملائڪ نبي تي درود موڪلن ٿا. اي ايمان وارؤ! ان تي درود ۽ خوب سلام موڪليو. (پاره:22، سورۃ احزاب:56)

حافظ قسطلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اللّٰه پاڪ پنهنجي جلال، عظمت، بلند شان ۽ نهايت بي نياز هئڻ جي باوجود پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود موڪلي ٿو، ملائڪ هميشه عبادت ۾ مصروف رهڻ ۽ اللّٰه پاڪ جو قرب ماڻڻ جي باوجود درود موڪلن ٿا، (اي انسانو!) توهان ته محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا محتاج آهيو، توهان کي انهن جي شفاعت گهرجي، انهن جي ئي برڪت سان توهان دنيا ۾ عزت ماڻيو ٿا، انهن جي ئي برڪت سان آخرت ۾ ڪاميابي ماڻيندؤ، تنهنڪري توهان وڌيڪ حقدار آهيو ته پنهنجي محسن ۽ غمخوار آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان درود پڙهو...!! (1)

[1]... مسالک الحنفا،مطلبِ اول، صفحه:82 ـ

تم سے جہاں کا نِظام تم پہ کروروں سلام | تم پہ کروروں ثَنا تم پہ کروروں درود

نافِع و دافِع ہو تم شافِع و رافِع ہو تم | تم سے بس اَفزوں خُدا تم پہ کروروں درود[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## اڳين پوئين جي لاءِ نصيحت

الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَلَقَدْ وَصَّيْنَا الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَاِيَّاكُمْ اَنِ اتَّقُوا اللّٰهَ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ بيشڪ اسان انهن ماڻهن کي جن کي توهان کان پهريان ڪتاب ڏنو ويو ۽ توهان کي بہ تاڪيد فرمائي ڇڏي آهي تہ الله کان ڊڄندا رهو.

(پاره:5،سورۂ نسآء:131)

اسان جي خالق، اسان جي مالڪ، اسان جي پياري الله پاڪ مون کي، توهان کي، اسان کي ۽ اسان کان پهريان امتن کي مطلب تہ سڀني انسانن کي هڪ نصيحت، هڪ وصيّت فرمائي، هن آيتِ ڪريمہ ۾ انهيءَ نصيحت جو بيان آهي، اها نصيحت ڇا آهي؟ فرمايو: اَنِ اتَّقُوا اللّٰهَ تقوٰي اختيار ڪيو! الله پاڪ کان ڊڄندا رهو.

## سڀ کان اعلٰي خوبي

اي عاشقانِ رسول! تورو غور فرمايو! الله رَبُّ العٰلمين آهي، الله پاڪ سڀني جهانن جو پالڻهار آهي، الله پاڪ ٻانهن لاءِ سڀ کان وڏيڪ مهربان، رحم ڪرڻ وارو آهي، هو الله پاڪ پنهنجي ٻانهن کي پرهيزگاريءَ جي نصيحت ڪندو آهي. جيڪڏهن ٻانهي لاءِ تقوٰي (پرهيزگاريءَ) کان علاوه ڪا ٻئي شيءِ وڌيڪ فائدي واري هجي ها وڌيڪ ڀلائي واري هجي ها تہ الله پاڪ ضرور پنهنجي ٻانهن کي انهيءَ جي تاڪيد فرمائي ها پر الله پاڪ انهن کي تقوٰي (پرهيزگاري) اختيار

---

1... حدائقِ بخشش،صفحہ:269 ملتقطًا۔

ڪرڻ جي نصيحت ڪئي، سيني اڳين ۽ پوئين کي تقوٰي (پرهيزگاري) جو حڪم ڏنو. هن مان پتو پيو ته الله پاڪ وٽ ٻانهن جي خوبين ۾ سڀ کان وڏيڪ خوبي تقوٰي (پرهيزگاري) ئي آهي.

حرصِ دُنيا نکال دے دِل سے | بَس رہوں طالبِ رضا یارَبّ!
واسطہ میرے پیر و مرشد کا | مجھ کو تُو مُتّقی بنا یارَبّ!

## تقوٰي (پرهيزگاري) هر ڀلائي جي اصل آهي

تقوٰي تمام وڏي دولت آهي. حضرت ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي، رسول اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي نصيحت ڪندي فرمايو: عَلَيْكَ بِتَقْوَى اللهِ فَاِنَّهٗ جِمَاعُ كُلِّ خَيْرٍ يعني توهان تي تقوٰي لازم آهي جو بيشڪ تقوٰي تمام ڀلائين جو مجموعو آهي. (1)

دے حُسنِ اَخلاق کی دولت | کر دے عطا اِخلاص کی نعمت
مجھ کو خزانہ دے تقوٰی کا | یا اللہ! مِری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آخرت جي تقسيم تقوٰي (پرهيزگاري) تي ڪئي وئي

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** دين ۾ تقوٰي جي وڏي اهميت آهي. ايستائين جو اُخروي ڪاميابي جو معيار ئي تقوٰي کي رکيو ويو آهي . تصوف جي مشهور ڪتاب "**رسالي قُشَيريَه**" ۾ آهي ، حضرت شيخ ڪتّاني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: دنيا جي تقسيم آزمائش تي

---

[1]...مسند ابی یعلی، جلد:1، صفحہ:324، حدیث:1001۔

ڪئي وئي آهي ۽ آخرت جي تقسيم تقوٰي تي ڪئي وئي آهي. [1]

يعني دنيا ۾ عزت، مرتبو ۽ مقام، بلندي، ترقي، ڪاميابي ان کي ملندي آهي، جيڪو گهڻي محنت ڪندو آهي جڏهن تہ آخرت ۾ بلند درجات، وڌيڪ عزت، وڌيڪ مقام ۽ مرتبو ان کي ملندو. جيڪو وڌيڪ پرهيزگار هوندو. سيپاري: 12، سورت هود، آيت: 49 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

اِنَّ الْعَاقِبَةَ لِلْمُتَّقِیْنَ۠ (۴۹)

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ سنو انجام پرهيزگارن جي لاءِ آهي

هڪ مقام تي الله پاڪ جنت جي متعلق ارشاد فرمائي ٿو:

اُعِدَّتْ لِلْمُتَّقِیْنَۙ (۱۳۳)

ترجمو ڪنزالايمان: اها پرهيزگارن جي لاءِ تيار ڪئي وئي آهي.

(پاره:4،سورۂ آلِ عمران:133)

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو الله پاڪ جنت ٺاهي ئي تقوٰي وارن جي لاءِ آهي، تنهنڪري جيڪو وڌيڪ متقي هوندو ان کي جنت ۾ وڌيڪ بلند درجات نصيب ٿيندا، ان کي وڌيڪ نعمتون ملنديون.

## سموري عزت تقوٰي (پرهيزگاري) ۾ آهي

اهڙي طرح دين ۾ عزت جو معيار بہ تقوٰي ئي آهي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْؕ

ترجمو ڪنزُالعِرفان: بيشڪ الله وٽ توهان مان وڌيڪ عزت وارو اهو آهي

---

[1] ...رساله قشيريه،باب التقوى،صفحه:142۔

جيڪو توهان مان وڏيڪ پرهيزگار آهي. (پاره:26،سورۂ حجرات:13)

هن آيت مان معلوم ٿيو تہ اللّٰہ پاڪ جي بارگاهہ ۾ عزت ۽ فضيلت جو دارو مدار نسب ناهي بلڪ پرهيزگاري آهي تنهنڪري هر مسلمان کي گهرجي تہ اهو نسب تي فخر ڪرڻ کان بچي ۽ تقويٰ ۽ پرهيزگاري اختيار ڪري تہ جيئن اللّٰہ پاڪ جي بارگاهہ ۾ ان کي عزت ۽ فضيلت نصيب ٿئي. (1)

هڪ عربي شاعر چوي ٿو:

مَا يَصْنَعُ الْعَبْدُ بِعِزِّ الْغِنٰى | وَالْعِزُّ كُلُّ الْعِزِّ لِلْمُتَّقِيْ

ترجمو: انسان مال ۽ دولت جي عزت کي ڇا ڪندو؟ عزت تہ سڄي متقي جي لاءِ آهي.

## تقويٰ وارن جي لاءِ انعام ۽ خوشخبريون

عالمَ سڳورا فرمائن ٿا: اللّٰہ پاڪ قرآن ڪريم ۾ پرهيزگارن جون ڪيتريون ئي خوبيون بيان ڪيون آهن ۽ انهن کي تمام گهڻيون خوشخبريون ڏنيون آهن، مثال طور * پرهيزگارن کي اللّٰہ پاڪ جي طرفان خاص مدد ۽ نصرت نصيب ٿيندي آهي * پرهيزگارن کي دنيا ۽ آخرت ۾ عزت ملندي آهي * پرهيزگارن کي علم بہ ڏنو ويندو آهي، حڪمت بہ ڏني ويندي آهي * اللّٰہ پاڪ پرهيزگارن جا گناهہ مِٽائي ڇڏيندو آهي * انهن کي وڏو اجر ڏيندو آهي * تقويٰ وارن جي مغفرت ۽ بخشش ڪئي ويندي آهي * اللّٰہ پاڪ تقويٰ وارن کي آسانيون عطا فرمائيندو آهي * انهن جي ڪمن ۾ سهولت ۽ نرمي رکي ويندي آهي * پرهيزگار ماڻهو ڏک ۽ تڪليف کان نجات ماڻيندو آهي * پرهيزگار شخص کي دنيا ۾ وسيع رزق ڏنو ويندو آهي * پرهيزگار آخرت ۾ نجات وارا هوندا * پرهيزگارن کي عبادت جي توفيق ڏني ويندي آهي * اللّٰہ پاڪ انهن کي گناهن کان محفوظ رکندو آهي

[1]…تفسير صراط الجنان، پاره:26، سورۂ حجرات، زيرِ آيت:13، جلد:9، صفحه:447۔

* پرهيزگار انسان پنهنجي مقصدن ۾ ڪاميابي حاصل ڪندو آهي * الله پاڪ پرهيزگارن جي سچائي جي شاهدي ڏيندو آهي * انهن کي الله پاڪ جي محبت نصيب ٿيندي آهي * پرهيزگارن جي عبادت قبول ٿيندي آهي * پرهيزگارن کي غم ۽ خوف کان نجات ملندي آهي * الله پاڪ انهن کي جنت ۾ بلند درجات عطا فرمائيندو آهي * ۽ سڀ کان وڏيڪ هي ته پرهيزگار انسان الله پاڪ جي بارگاهه ۾ بلند مقام حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي.[1]

ہو اخلاق اچھا، ہو کردار سُتھرا | مجھے متقی تُو بنا یاالٰہی![2]

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تقوٰي ڇا آهي؟

هڪ ڏينهن مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حضرت ڪعب الاحبار رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي فرمايو: اي ڪعب! ٻڌايو ته تقوٰي(پرهيزگاري) ڇا آهي؟ حضرت ڪَعبُ الاَحبار رَضِيَ اللهُ عَنْهُعرض ڪيو: اي اميرالمؤمنين! ڇا توهان ڪڏهن ڪنهن اهڙي رستي تان گذريا آهيو؟ جنهن تي ڪنڊيدار ٿاريون هجن؟ اميرالمؤمنين حضرت فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُفرمايو: هائو بلڪل مان اهڙي رستي تان گذريو آهيان. حضرت ڪعب رَضِيَ اللهُ عَنْهُعرض ڪيو: ته پوءِ توهان اهڙي رستي تان ڪيئن گذرندو آهين؟ ارشاد فرمايائون: مان ڪنڊن کان بچندو آهيان ۽ پنهنجا ڪپڙا سميٽي ويندو آهيان. حضرت ڪعب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو: ذٰلِكَ التَّقْوٰى اي اَمِيْرُالْمُؤمِنِيْن! اهائي تقوٰي آهي.[3]

مطلب هي ته اسان هن دنيا ۾ آياسين، الله پاڪ اسان کي پاڪيزه روح عطا

---

[1]...نضرة النعيم ، جلد:4، صفحه:1120۔

[2]...وسائل بخشش، صفحه:104۔

[3]...تفسير بغوى، پاره :1،سورۀ بقره ،زير آيت :2،جلد:1،صفحه:13۔

فرمايو، پاڪ صاف دل عطا فرمائي، هاڻي اسان هن دنيا مان گذري آخرت ڏانهن وڃي رهيا آهيون، جڏهن تہ هيءَ دنيا هڪ رستو آهي ۽ هن رستي تي ڪنڊي دار ٽاريون آهن. هڪ طرف شيطان آهي، هڪ طرف نفس آهي، هڪ طرف دنيا جي محبت آهي، هڪ طرف مال جي محبت آهي، حسد، بغض، ڪينو، خواهش پرستي وغيره وغيره، هزارين گناهہ ۽ هزارين گناهن جا رستا هي سڀ جڻ تہ ڪنڊي دار ٽاريون آهن، اسان زندگي جي هن سفر ۾ پنهنجي پاڪيزه روح کي، پنهنجي دل کي هنن ڪنڊي وارين ٽارين(يعني گناهن) کان بچائيندي گذري وڃڻو آهي، بس رڳو انهيءَ شيءِ جو نالو تقوٰي آهي.

## تقوٰي 4 شين جي مجموعي جو نالو آهي

مسلمانن جا چوٿان خليفا اميرالمؤمنين حضرت مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: تقوٰي 4 شين جي مجموعي جو نالو آهي (1): اَلْخَوْفُ مِنَ الْجَلِيْلِ (يعني خوفِ خدا) (2): اَلْعَمَلُ بِالتَّنْزِيْلِ (يعني قرآن ڪريم تي عمل ڪرڻ) (3): اَلْقَنَاعَةُ بِالْقَلِيْلِ (يعني ٿوري تي راضي رهڻ). (4): اَلْاِسْتِعْدَادُ لِيَوْمِ الرَّحِيْلِ (آخرت جي سفر جي تياري ڪندو رهڻ). [1]

معلوم ٿيو: هي چار وصفَ جنهن خوشنصيب کي ملي وڃن، اهو متقي بڻجي ويندو آهي.

## پهريون وصف: خوفِ خدا

پيارا اسلامي ڀائرو! خوفِ خدا هڪ لغام آهي، جيڪو انسان کي گناهن کان روڪي رکندو آهي، جيڪڏهن هي لغام ٽٽي وڃي يا ڍرو ٿي وڃي (يعني دل ۾ خدا جو خوف نہ رهي) تہ انسان گناهن تي دلير ٿي ويندو آهي، بهرحال خدا جو خوف پرهيزگارن جو تمام ضروري وصف آهي.

---

[1]...بستان العارفين ، تقوى كا بيان، صفحہ:107۔

## حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو خوفِ خدا

منقول آهي: هڪ دفعي حضرت يزيد رقّاشي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمايو: مون کي ڪا نصيحت ڪيو! حضرت يزيد رقّاشي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمايو: اي اميرالمؤمنين! اوهان پهريان خليفا ناهيو جنهن کي موت ايندو (يعني توهان کان اڳ به ڪيترائي بادشاه ٿي چڪا آهن). اهو ٻڌي حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ روئڻ لڳا، پوءِ فرمايائون: اجان نصيحت ڪيو! حضرت يزيد رقّاشي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ چيو: اوهان کان وٺي حضرت آدم عَلَیۡہِ السَّلَام تائين اوهان جا جيترا ابا ڏاڏا آهن. انهن مان ڪو به اَب(يعني پيءُ) زنده ناهي حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ وري رنا ۽ فرمايو: اجان به نصيحت ڪيو! حضرت يزيد رقّاشي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ چيو: جنت ۽ دوزخ جي وچ ۾ ڪا به منزل نه آهي (يعني اسان جو ٺڪاڻو يا ته دوزخ آهي يا جنت آهي، ان کان علاوه ٻي ڪا جاءِ ناهي). اها ڳالهه ٻڌي ته حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ تي خوفِ خدا غالب اچي ويو ۽ ڪين بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيا. (1)

اي عاشقان رسول! ڏسو! ڪهڙو خوفِ خدا آهي. حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ خليفو هو، سندن وٽ حڪومت هئي، تاج ۽ تخت هو، اختيارات هئا، هي اهي شيون آهن جيڪي عام طور تي ماڻهن کي باغي بڻائينديون آهن، حڪومت، عهدو، اختيار ملي وڃن ته ماڻهو گناهن تي دلير ٿي ويندا آهن پر حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ خليفي بڻجڻ کان اڳ به پرهيزگار هئا، خليفي بڻجڻ کان بعد به پرهيزگار ئي رهيا، سندن پنهنجي دورِ حڪومت ۾ ظلم نه ڪيو، ماڻهن جا حق نه کاڌا بلڪ عدل ۽ انصاف قائم ڪيو؟ ڇو انڪري جو حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ تمام گهڻا پرهيزگار هئا.

---

[1]...تنبيه المغترين، صفحه:49۔

## خوفِ خدا ڪيئن ملي؟

معلوم ٿيو تہ گناهن کان بچڻ ۽ پرهيزگاري حاصل ڪرڻ لاءِ خوفِ خدا تمام ضروري آهي. الله پاڪ اسان کي بہ خوفِ خدا جي نعمت نصيب فرمائي. خوفِ خدا حاصل ڪرڻ لاءِ ۞ قرآنِ مجيد جي تلاوت جو معمول بڻايو وڃي، خاص ڪري اهي آيتون جن ۾ الله پاڪ جي عذاب جو، دوزخ جو، قيامت جو ذڪر آهي، انهن آيتن جو ترجمو ۽ تفسير پڙهي ڪري ذهن ۾ ويهاري ڪري خوب توجهہ سان باربار تلاوت ڪئي وڃي ۞ حديثن ۾ خوفِ خدا جو بيان آهي، اهڙيون حديثون پڙهڻ گهرجن ۞ خوفِ خدا تي مشتمل ڪتابن جو مطالعو ڪيو وڃي ۞ خوفِ خدا رکندڙ بزرگانِ دين جي سيرت پڙهي وڃي ۞ شيڊيول ناهي روزانو يا هفتي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ پيرو قبرستان جي حاضري ڏني وڃي. اتي فاتحہ شريف بہ پڙهي وڃي گڏو گڏ اهو بہ غور ڪيو وڃي تہ جلد ئي مون کي بہ قبر ۾ اچڻو آهي، ان وقت منهنجي لاچاري جو عالم ڇا هوندو؟ پوءِ قبر جي معاملن تي غور بہ ڪيو وڃي. اِنْ شَآءَالله الکریم! خوفِ خدا جي دولت نصيب ٿيندي ۞ مڪتبة المدينہ جي ڪتاب خوفِ خدا پڙهو! هن سان بہ اِنْ شَآءَالله الکریم! خوفِ خدا ۾ اضافو ٿيندو.

مرے اشک بہتے رہیں کاش ہر دَم | ترے خوف سے یاخُدا یااِلٰہی!
ترے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ | میں تھر تھر رہوں کانپتا یااِلٰہی!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (2): قرآن تي عمل ڪرڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پرهيزگارن جون 4 خاصيتون بيان ڪيون آهن. انهن مان پهريون وصف آهي:

اَلْعَمَلُ بِالتَّنْزِيْلِ يعني قرآن ڪريم تي عمل ڪرڻ.

## نيڪ ماڻهن جو هڪ مبارڪ انداز

اهو به تمام اهم ۽ نهايت ضروري وصف آهي، امام شعراني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي اخلاق مان آهي ته جيستائين انهن کي قرآن ۽ سنت ۽ شريعت جي روشني ۾ ڪنهن به ڪم جو واضح حڪم معلوم نه ٿي ويندو هو. ان وقت تائين اهي ڪم نه ڪندا هئا. (1)

## صحابهِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم ۽ شريعت تي عمل

بخاري ۽ مسلم ۾ روايت آهي، جنهن جو خلاصو ڪجهه هن طرح آهي جو هڪ دفعي چند صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم سفر تي هئا، رستي ۾ هڪ مقام تي هڪ شخص صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم کي عرض ڪيو: اسان جي سردار کي وڇونءَ ڏنگيو آهي ڇا توهان ڪجهه ڪري سگهو ٿا؟ هڪ صحابي رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ فرمايو: هائو! مان دم ڪري سگهان ٿو. سو اهي صحابي رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ ان شخص سان گڏ ويا ۽ سورت فاتحه پڙهي مريض کي دم ڪيو، جنهن جي برڪت سان مريض صحيح ٿي ويو. هاڻي انهن ماڻهن صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم کي ڪجهه ٻڪريون پيش ڪيون، انهن اهي ٻڪريون ورتيون ته صحيح پر پوءِ خيال آيو ته ڇا هي ٻڪريون وٺڻ اسان جي لاءِ جائز هو يا نه؟ سو صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم انهن ٻڪرين مان نفعو حاصل نه ڪيو، جڏهن واپس مديني پاڪ ۾ حاضر ٿيا ته حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ سڄي صورت حال عرض ڪئي، صاحبِ شريعت، رسولِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ٻڪرين مان نفعو حاصل ڪرڻ جي اجازت عطا فرمائي، تڏهن صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم مطمئن ٿيا. (2)

اي عاشقانِ رسول! صحابه ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم جي پرهيزگاري ته ڏسو! دم ڪرڻ جي بدلي ۾ ٻڪريون مليون هيون، انهن صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم جي لاءِ اها هڪ نئين صورت هئي، قرآن ۽ سنت جي روشني ۾ انهن ٻڪرين بابت شرعي

---

[1]...تنبيه المغترين، صفحه:21۔

[2]...بخاري، كتابُ الاجاره، صفحه:585، حديث:2276خلاصةً۔

حڪم معلوم نہ هو، تنهنڪري صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم ان وقت تائين رڪيا رهيا جيستائين شرعي حڪم معلوم نہ ٿي ويو.

ڪاش! اسان بہ اها عادت اختيار ڪريون، جيستائين ڪنهن ڪم جو حڪم شريعت جي روشنيءَ ۾ معلوم نہ ٿئي، ان وقت تائين اهو ڪم ناهي ڪرڻو. ٿئي سگهي تہ اسان دارالافتاء اهل سنت جو نمبر پاڻ وٽ محفوظ ڪري وٺون، جڏهن بہ ڪنهن شيءِ بابت شڪ ٿئي تہ يڪدم شرعي رهنمائي وٺندا ڪيون. اَلۡحَمۡدُلِلّٰہ! دعوت اسلامي جي آئي، ٽي ڊپارٽمينٽ دارالافتاء اهلسنت جي نالي سان موبائل ايپلي ڪيشن بہ شروع ڪئي آهي، هن ۾ ڪيئي فتاوٰي جات موجود آهن ۽ تمام گهڻو علمِ دين تي مشتمل مواد هن هڪ ايپلي ڪيشن ۾ موجود آهي. هي ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪيو، پاڻ بہ فائدو کڻو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو. اللّٰه پاڪ اسان سيني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

زندگی ہو مری پروانے کی صورت یارَبّ! | عِلم کی شمع سے ہو مجھ کو محبت یارَبّ!
میرے اللہ بُرائی سے بچانا مجھ کو | نیک جو راہ ہو، اس راہ پہ چلانا مجھ کو

## (3): قناعت (ٿوري تي راضي رهڻ)

پيارا اسلامي ڀائرو! تقوٰي وارن جا وصف جيڪي مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ٻڌايا، انهن مان ٽيون وصف آهي:

اَلْقَنَاعَةُ بِالْقَلِيْل يعني ٿوري تي راضي رهڻ.

قناعت جي معنٰي آهي: قسمت تي راضي رهڻ. اهو بہ پرهيزگاريءَ جي لاءِ بنيادي وصف آهي، جنهن کي قناعت نصيب نہ هجي، ان جو گناهن کان بچڻ تمام مشڪل آهي، اهڙا ڪيترائي گناهہ آهن جيڪي لالچ ۽ حرص جي ڪري ٿيندا آهن ۞ لالچ جي ڪري ئي رشوت جو ڏيڻ وٺڻ ٿيندو آهي ۞ لالچ جي ڪري ئي وياجي ڪاروبار ڪيا ويندا آهن ۞ لالچ جي ڪري ئي حرام ذريعن کان مال

حاصل ڪيو ويندو آهي ۞ لالچ ۾ اچي ڪري ئي ماڻهو يتيمن جو حق ڪائيندا آهن ۞ لالچ ۾ اچي ڀاءُ ڀاءُ جو قتل به ڪري وڃندو آهي ۞ ايستائين جو ڪجهه لالچي طبيعت جا ماڻهو غير مسلم ملڪن ۾ وڃڻ جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي غير مسلم به لکي وڃندا آهن (اَسْتَغْفِرُ الله!)

تنهنڪري جيڪو شخص الله پاڪ جي ڏنل تي راضي ٿي قناعت اختيار نه ڪري، ان جو گناهن کان بچڻ ڏاڍو مشڪل آهي ۽ جيڪو گناهن کان بچي نه سگهندو، اهو پرهيزگار ڪيئن بڻجندو؟

## قناعت بابت پرهيزگارن جا 2 واقعا

۞ حضرت محمد بن واسع رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه لوڻ ۽ سرڪي سان ماني کائيندا هئا. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائيندا هئا: جيڪو انسان ايتري دنيا تي راضي ٿي وڃي اهو ماڻهن جي سامهون ذلّت کان بچي ويندو آهي. (1) ۞ حضرت سفيان ثوري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اڄ جي زماني ۾ جيڪو ٻانهو جَو جي ماني تي قناعت نه ڪري، اهو ذلت ۽ رسوائي ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي. هڪ ڀيرو هڪ شخص حضرت سفيان ثوري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ عرض ڪيو: ڇا مان مال جمع ڪري سگهان ٿو؟ سندن فرمايو: مال جمع ڪرڻ ۾ 5 برايون آهن: (1): ان کان اميد ڊگهي ٿيندي آهي(جڏهن ته اسان کي هڪ گهڙي جو به ڀروسو ناهي، خبر ناهي ڪڏهن موت اچي وڃي) (2): مال جمع ڪرڻ سان لالچ وڌي ويندي آهي (3): مال جمع ڪرڻ جي سبب بخل(يعني ڪنجوسي) ۾ اضافو ٿي ويندو آهي (4): مال جمع ڪرڻ جي سبب انسان آخرت وساري ويهندو ۽ غفلت ۾ وڃي پوندو آهي (5): مال جمع ڪرڻ جي هڪ وڏي آفت هيءَ آهي ته انسان جي پرهيزگاري ۾ گهٽتائي اچي ويندي آهي. (2)

---

[1]...تنبيه المغترين، صفحه:100۔

[2]...تنبيه المغترين، صفحه:100۔

## قناعت جون مختصر فضيلتون

الله پاڪ اسان کي مال جي حرص کان بچائي ۞ قناعت (يعني الله پاڪ جيڪو ڏنو، ان تي راضي رهڻ) تمام وڏي نعمت آهي ۞ قناعت مصطفٰي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنت آهي ۞ قناعت صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم جو طريقو آهي ۞ قناعت اولياء ڪرام جو طريقو آهي ۞ قناعت اختيار ڪرڻ وارو الله پاڪ جو محبوب آهي ۞ قناعت سان الله پاڪ جي رضا ملندي آهي ۞ قناعت جي برڪت سان قبر ۽ حشر ۾ آساني نصيب ٿيندي آهي ۞ ۽ قناعت جنت ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.

ضرورت سے زیادہ مال و دولت کا نہیں طالِب
رہے بس آپکی نظرِ عنایت یَارسُولَ اللہ
رہیں سب شاد گھر والے شہا! تھوڑی سی روزی پر
عطا ہو دولتِ صبر و قناعت یارسُولَ اللہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (4): آخرت جي تياري

پيارا اسلامي ڀائرو! مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ پرهيزگارن جو چوٿون وصف هي ٻڌايو: اَلْاِسْتِعْدَادُ لِيَوْمِ الرَّحِيْل يعني هن دنيا مان وڃڻ واري ڏينهن جي تياري ڪرڻ.

## ٻڌو موت جي ڏينهن کان...!!

الله پاڪ قرآن ڪريم ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اتَّقُوْا یَوْمًا تُرْجَعُوْنَ فِیْهِ اِلَى اللّٰهِ

(پاره:3، سورۂ بقره:281)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ان ڏينهن ڪان ڊڄو جنهن ۾ توهان الله جي طرف موٽايا ويندو.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي عبرت جي ڳالهه آهي، اسان هن دنيا ۾ گهڻو ڪجهه ڪندا آهيون ❁ وڏيون وڏيون ڊگريون به حاصل ڪندا آهيون، ❁ نوڪري ❁ ڪاروبار ❁ ڪمائڻ، ڪائڻ ❁ وڏا وڏا منصوبا ناهڻ، ❁ ڪوٺي، بنگلا، عاليشان محل، ❁ وڏي ڪان وڏي منصب جي لاءِ ڀڄ ڊڪ وغيره گهڻو ڪجهه ڪندا آهيون پر سوچڻ جي ڳالهه آهي، ڇا اسان ان ڏينهن لاءِ تياري ڪندا آهيون جنهن ڏينهن سڀ ڪجهه هتي ڇڏي ڪري اونداهي قبر ۾ لهي وڃڻو آهي، افسوس! اهو ڪهڙي بي وسي جو ڏينهن هوندو؟ ڪيتري لاچاري هوندي؟ جڏهن حضرت ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام تشريف ڪڻي ايندا، اسان جا عزيز رشتيدار، اولاد، ساهه ڪان وڌيڪ پيار ڪرڻ وارا، اسان جا پيارا دوست، اسان جو مال، بئنڪ بيلنس وغيره ڪجهه به ڪم نه ايندو، عزيز ڏسندي رهجي ويندا، ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام روح قبض ڪري وٺندا ۽ ڪير ڪجهه به نه ڪري سگهندو. پوءِ اسان کي غسل ڏئي، ڪفن پارائي اونداهي قبر ۾ لاٿو ويندو، پوءِ اسان هونداسين ۽ اسان جا عمل هوندا، ان ڪان علاوه ڪجهه به اسان سان گڏ نه ويندو. غور جو مقام آهي! اسان کي هن دنيا ۾ ٿورو ئي وقت گذارڻو آهي، اهو به ڪيترو آهي؟ اسان کي خبر ناهي، ٿي سگهي ٿو ايندڙ ساهه به نه ڪڻي سگهون. ان جي باوجود اسان هن دنيا جي لاءِ جيترو ڪندا آهيون؟ هلو ايترو نه ان جي اڌ جيترو ئي سهي ڇا اسان قبر جي لاءِ تياري ڪندا آهيون ؟ شايد ناهيون ڪري سگهندا.

یاد رکھ ہر آن آخر موت ہے | بَن تُو مت انجان آخر موت ہے
مرتے جاتے ہیں ہزاروں آدمی | عاقِل و نادان آخر موت ہے
بارہا عِلمی تجھے سمجھا چکے | مان یا مت مان آخر موت ہے

## تقويٰ وارا(پرهيزگار) ءِ موت جي تياري

اسان جا اسلاف (يعني الله پاڪ جا نيڪ ٻانها جيڪي متقي هئا، پرهيزگار هئا) انهن کي رڳو قبر ۽ آخرت جي فڪر رهندي هئي ۽ هي هر وقت موت جي تياري ۾ مصروف رهندا هئا. ❁ خواجه سري سقطي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه 98 سال هن دنيا ۾ رهيا، سڪرات جي وقت کان علاوه ڪنهن به ڪيس ڪڏهن ليٽندي نه ڏٺو، هميشه عبادت ڪندا هئا ❁ محمد جريري رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه هڪ سال مکي پاڪ ۾ رهيا، نه ڪڏهن سُتا، نه پٺي سڌي ڪئي، نه پير ڊگهيڙيا ❁ اويس قرني رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه فجر جي نماز پڙهي ذڪرُالله شروع ڪندا هئا، ظهر تي ويندي هئي، ظهر کان بعد وري ذڪرِ الهي ۾ مصروف هوندا هئا، ايستائين جو عصر تي ويندي هئي، عصر کان مغرب تائين، مغرب کان عشاء تائين، عشا کان فجر تائين وينا ذڪرُالله ئي ڪندا رهندا هئا ❁ حضرت ابوبڪر عياش رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه روزانو 30 هزار ڀيرا سورهءِ اخلاص پڙهندا هئا، روزانو 500 نوافل پڙهندا هئا ۽ ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا قرآن ڪريم ختم ڪندا هئا. ❁ امام اعظم، امام ابو حنيفه رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه40 سالن تائين عشاء جي وضو کان فجر جي نماز ادا ڪئي، هر رات 2 رڪعتن ۾ قرآن پاڪ ختم ڪندا هئا. (1)

اندازو لڳايو! هي الله جا نيڪ ٻانها ڪيئن هميشه نيڪ ڪمن ۾ مصروف رهندا هئا؟ انهن کي آخرت جي فڪر هئي، هي موت ۽ قبر ۽ آخرت کي ياد ڪرڻ وارا هئا، ڪاش! اسان به پرهيزگارن جهڙيون صفتون اختيار ڪيون. ڪاش! اسان کي به موت جي تياري ڪرڻ جي توفيق ملي وڃي. الله پاڪ توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم۔

## رمضان مهينو تقويٰ جي دولت ماڻڻ جو ذريعو آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! رمضان مهينو، مغفرت جو مهينو، قرآنِ

[1]...جواهِرَ البيان، صفحه:32-33ملتقطاً۔

ڪريم نازل ٿيڻ وارو مهينو تشريف ڪٽي اچڻ وارو آهي.

| | |
|---|---|
| عَجّل عَجّل یا رمضان | جان مری تجھ پر قربان |
| آ بھی جا ماہِ سُبحٰن | جلدی جلدی آ رمضان |
| جب بھی آتا ہے رمضان | جان میں آ جاتی ہے جان |

رمضان المبارڪ تقوٰي حاصل ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي، الله پاڪ رمضان مهيني جي روزن جو حڪم ڏيندي، ان جو جيڪو فائدو ذڪر ڪيو، اها هيءُ ئي تقوٰي آهي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿١٨٣﴾

(پاره:2، سورهٔ بقره:183)

ترجمو ڪنزالايمان: اي ايمان وارؤ! توهان تي روزا فرض ڪيا ويا جيئن توهان کان اڳين ماڻهن تي فرض ڪيا ويا ته جيئن توهان پرهيزگار بڻجي وڃو.

هن آيت ڪريمه جي آخري حصي لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ جي وضاحت ڪندي مشهور مُفَسِّرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه فرمائن ٿا: هن ۾ روزو رکڻ جي حڪمت جو ذڪر آهي، يعني (اي ايمان وارؤ!) توهان تي روزا ان ڪري فرض ڪيا ويا ته جيئن توهان جهنم جي باھ کان بچي وڃو يا پرهيزگار بڻجي وڃو. وڌيڪ فرمائن ٿا: گناھ ڪرائڻ وارو نفس آهي ۽ اهو کائڻ پيئڻ سان طاقتور ٿيندو آهي جڏهن روزي سان ان جي قوت ٽٽندي ته توهان جي گناھ جي طرف رغبت گهٽ ٿيندي ۽ پرهيزگاري به حاصل ٿيندي. (1)

اي عاشقان رسول! معلوم ٿيو ته روزي رکڻ جي برڪت سان باغي نفس جي طاقت ٽٽي پوندي آهي، گناهن جي رغبت گهٽ ٿيندي ۽ پرهيزگاري جي دولت

[1]...تفسیر نعیمی، پاره:2، سورهٔ بقره، زیرِ آیت:183، جلد:2، صفحه:212۔

نصيب ٿيندي آهي. رمضان جو مهينو اچي رهيو آهي، ان جو گهڻو احترام ڪيو! سڀ روزا رکو! ان ۾ تلاوت ڪيو! سيئي تراويح پڙهو! سحري ۽ افطاري جون برڪتون ماڻيو! اِنْ شَآءَاللّٰہ الکریم! پرهيزگاريءَ جي وڏي دولت نصيب ٿيندي.

نصیب تیرے کرم سے چمک اُٹھا یارَبّ! | جہاں میں پھر مہِ رمضان آگیا یارَبّ!
ہے لاکھ لاکھ ترا شکر پھر دیا رمضان | کرم سے ذوقِ عبادت بھی ہو عطا یارَبّ! (1)

## ڪلمو اينڊ دُعا (Kalma &Dua) ايپ جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي آئي، ٽي ڊيپارٽمنٽ هڪ تمام ئي پياري موبائل اپيلي ڪيشن (Application) بنام "ڪلمو ۽ دُعا" (Kalma &Dua) جاري ڪئي آهي- هن اپيلي ڪيشن جي ذريعي تمام آسان انداز سان ٻارن جي تربيت ڪري سگهجي ٿي. * هن اپيليڪيشن ۾ ٻارن جي لاءِ 6 ڪلما آواز (Audio) جي صورت ۾ لفظ جي ادائيگي ۽ ترجمي سان گڏ * روزانو جون 16 مختلف دعائون مثال طور ڀاڻي پيئڻ جي دُعا، کاڌو کائڻ کان پهريان جي دُعا ۽ کاڌو کائڻ کان بعد جي دُعا، کير پيئڻ جي دُعا، سمهڻ وقت جي دُعا وغيره لفظ جي ادائيگي ۽ ترجمي سان گڏ * ۽ مختلف موضوعن تي سنتون ۽ آداب مثال طور کاڌو کائڻ جون سنتون ۽ آداب، سلام ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب، ڀاڻي پيئڻ جون سنتون ۽ آداب وغيره- اوهان بہ پنهنجي موبائل ۾ اها اپيلي ڪيشن انسٽال ڪري فائدو وٺو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو-

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## صحيح ڇا آهي؟

### (صحيح شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ مشهور غلط مسئلي جي نشاندهي)

مسئلو: اُلٽي اچڻ کان روزو ناهي ٽٽندو.

(1)... وسائل فردوس، صفحہ:26۔

وضاحت: عوام ۾ مشهور آهي تہ الٽي اچڻ سان روزو ٽٽي ويندو آهي پر ائين ناهي. الٽي اچڻ جي ڪري هر صورت ۾ روزو ناهي ٽٽندو بلڪ الٽي جي سبب روزي ٽٽڻ جون مخصوص صورتون آهن. عالم سڳورا فرمائن ٿا: (1): **روزي** ۾ ٻاڻمرادو ڪيتري بہ الٽي اچي وڃي (توڙي جو بالٽي ڀرجي وڃي) ان سان **روزو** ناهي ٽُٽندو (2): **جيڪڏهن** روزو ياد هجڻ جي باوجود (ڄاڻي واڻي) **الٽي** ڪئي ۽ جيڪڏهن اها وات ڀريل آهي تہ هاڻي **روزو** ٽُٽي ويندو- (3): **ڄاڻي واڻي** وات ڀريل الٽيءَ سان بہ ان صورت ۾ روزو ٽُٽندو جڏهن تہ الٽي ۾ کاڌو يا (پاڻي) يا صفراء (يعني ڪوڙو پاڻي) يا رت اچي- (4): **جيڪڏهن الٽيءَ** ۾ رُڳو بلغم نڪتو تہ **روزو** نہ ٽُٽندو- (5): **ڄاڻي واڻي الٽي** ڪئي پر ٿورڙي آئي وات ڀر نہ آئي تہ هاڻي بہ **روزو** نہ ٽُٽندو- (6): وات ڀريل کان گهٽ الٽي آئي ۽ وات منجهان ئي ٻيهر موٽي ويئي يا پاڻ ئي موٽائي ڇڏي- انهن ٻنهي صورتن ۾ بہ **روزو** نہ ٽُٽندو-(7): **وات** ڀريل الٽي بي اختيار اچي وئي تہ **روزو** نہ ٽُٽو- باقي جيڪڏهن ڪو انهيءَ مان هڪ چڻي جيترو بہ واپس موٽائي ڇڏي تہ **روزو** ٽُٽي پوندو ۽ هڪ چڻي کان گهٽ هجي تہ **روزو** نہ ٽُٽندو-[1]

## اَسماءُالحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

### يَا مُؤْمِنُ

جيڪو بہ 115 ڀيرا يَا مُؤْمِنُ پڙهي ڪري پنهنجي مٿان دم ڪندو تہ تندرستي ماڻيندو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

ذِکر و درود ہر گھڑی وِردِ زَباں رہے | میری فُضول گوئی کی عادت نِکال دو!

الله پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

[1]...فيضان رمضان، صفحه:133-